# دَ دُرود شریف برکتونه



اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَیْکَ یَا رَسُوْلَ اللّٰہ    وَعَلٰی اٰلِکَ وَاَصْحٰبِکَ یَا حَبِیْبَ اللّٰہ


شیخ طریقت، امیر اہلسنت، باني دعوت اسلامي حضرت علامه مولانا ابو بلال

**مُحمّد اِلیاس عَطّار قادِري رَضَوي**

دامت برکاتهم العالية

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَا الْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص ٤٠ دار الفڪر بيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: درود شريف جون برڪتون

ڇاپو پهريون: شعبان المعظم 1442 هه مارچ 2021ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينه عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينه بابُ المدينه ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي به هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن ته مڪتبة المدينه سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

## مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي

جي مايه ناز تصنيف ”فيضانِ سنت“ مان ورتل مواد بنام

# درود شريف جون برڪتون

### پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر المدينة العلميه** (دعوت اسلامي)

### ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

## 1 درود شريف جون برڪتون


دعاءِعطار ........ 1
ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ واري ٻارڙي ........ 1
”بسم الله“ جي ستن حرفن جي نسبت سان درود شريف جا 7 فضائل ........ 2
صحابہِ ڪرام عَلَيۡهِمُ الرِّضۡوَان جا 5 ارشادات ........ 4
’اَلصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا سَيِّدَ الۡمُرۡسَلِيۡن‘ جي 30 حروفن جي نسبت سان درود شريف جا 30 مدني گل ........ 5
سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي طلبگار لاءِ تحفو ........ 8
بخشش ۽ مغفرت ........ 8
مال ۾ خير ۽ برڪت ........ 9
حافظي جي قُوت مضبوط ٿئي ........ 9
دين ۽ دنيا جون نعمتون حاصل ڪريو ........ 10
دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي ........ 10
ٻارهن هزار درود پاڪ جو ثواب ........ 10
چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب ........ 11
هڪ لک درود پاڪ جو ثواب ........ 11
هر قسم جي پريشانيءَ کان نجات لاءِ ........ 11
آبِ ڪوثر سان ڀريل پيالو ........ 12

”رســـولِ رحـــمـــت“ جـــي اٺ اڪـــرن جـــي نسبت سان درود تـــاج جـــا مدني گل ........ 8
12 ........ درود تـــــــاج
14 ........ درود تُنَجِّينا جي بابت ايمان افروز حڪايت
16 ........ درود تنجينا
17 ........ مـــرضـــن کـــان شـــفـــا
17 ........ درود ماهي جي بابت مڇيءَ جي حڪايت
18 ........ درود مـــاهـــي
18

www.dawateislami.net

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ط بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ط

# درود شريف جون برڪتون

## دعاءِ عطار

ياالله پاڪ! جيڪو 18 صفحن جو رسالو ”درود شريف جون برڪتون“ پڙهي يا ٻڌي وٺي اُن کي مديني پاڪ ۾ درود و سلام پڙهندي جلوهءِ محبوب صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۾ عافيت سان شهادت عطا فرماءِ.

اٰمِیْن بِجَاهِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## ڪثرت سان درود پاڪ پڙهڻ واري ٻارڙي

هڪ ڀيرو حضرت شيخ محمد بن سليمان جزولي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه وضو ڪرڻ جي لاءِ کوھ تي آيو پر ان مان پاڻي ڪڍڻ جي لاءِ ڪابہ شيءِ ڪانہ هئي. شيخ پريشان ھو تہ ھاڻي ڇا ڪري؟ ايتري ۾ هڪ بلند مڪان تان ٻارڙي ڏٺو پئي تہ چوڻ لڳي: ياشيخ! توهان اهي ئي شيخ آهيو نہ! جنهن جي نيڪين جو وڏو چرچو آهي، ان جي باوجود توهان پريشان آهيو تہ کوھ مان پاڻي ڪيئن ڪڍان! پوءِ ان ٻارڙيءَ کوھ ۾ پنهنجو لعاب (يعني ٿڪ) وِڌي. توري ئي دير ۾ کوھ جو پاڻي وڌڻ شروع ٿيو ايسيتائين جو ڪنارن ڪان نڪري زمين تي وهڻ لڳو. شيخ وضو ڪيو ۽ ان ٻارڙي کي چوڻ لڳو: مان توکي قسم ڏئي پڇان ٿو تہ تو هي مرتبو ڪيئن ماڻيو؟ ان ٻارڙي جواب ڏنو: مان رسولِ ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّی اللّٰهُ عَلَیْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان درودِ پاڪ پڙهندي آهيان. اهو ٻڌي حضرت شيخ سليمان جزولي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه قسم ڪنيو تہ مان دربارِ رسالت ۾ پيش ڪرڻ جي لاءِ درود

۾ سلام جو ڪتاب ضرور لکندس. (مطالع المسرات مترجم، ص34، 33) پوءِ پاڻ "دَلَائِلُ الْخَيْرَات" نالي ڪتاب لکيو جيڪو تمام گھڻو مشهور ٿيو.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## "بسم الله" جي ستن حرفن جي نسبت سان درود شريف جا 7 فضائل

﴿1﴾ حضرت سيدنا ابوهريره رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته نور جي پيڪر، تمام نبين جي سرور، ٻنهي جهانن جي تاجور، سلطان بحروبر صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان رُوح پرور آهي: "جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله عَزَّوَجَلَّ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو." (صحيح مسلم، ص. 216، حديث 408)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿2﴾ حضرت سيدنا انس بن مالڪ رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته محبوبِ رب العزت، محسنِ انسانيت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو ارشادِ رحمت بنياد آهي: "جنهن مون تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو. الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو ۽ سندس ڏهه گناهه مٽائيندو. (الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 130، حديث 901)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿3﴾ حضرت سيدنا ابُو بَرْدَه بن نِيار رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي نبيءِ مڪرم، نورِ مجسم، رسولِ اڪرم، شهنشاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

جن جو فرمان برڪت نشان آهي: منهنجي امت منجهان جنهن دل جي سچائيءَ سان هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهيو، الله پاڪ ان تي ڏهه رحمتون نازل فرمائيندو ۽ ان جي لاءِ ڏهه نيڪيون لکندو ۽ ان جا ڏهه درجا بلند فرمائيندو ۽ سندس ڏهه گناهه مٽائيندو. (المعجم الكبير، ج. 22، ص. 195، حديث 513)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿4﴾ حضرت سيدنا ابُو اُمامه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي شهنشاهِ خوش خصال، پيڪر حسن و جمال، رسولِ بي مثال صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **جن جو فرمان** باڪمال آهي: هر جمعي جي ڏينهن مون تي درود پاڪ جي ڪثرت ڪندا ڪريو، بيشڪ منهنجي امت جو درود هر جمعي جي ڏينهن مون تي پيش ڪيو ويندو آهي. (قيامت جي ڏينهن) ماڻهن مان منهنجي گهڻو ويجهو اهو شخص هوندو جنهن (دنيا ۾) مون تي گهڻو درود پڙهيو هوندو. (السنن الكبري، ج. 3، ص. 353، حديث 5995)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿5﴾ حضرت سيدنا ابنِ مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي ته اسان بيڪسن جي مددگار، شفيعِ روز شمار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان تقرب نشان آهي: بيشڪ قيامت جي ڏينهن منهنجي سڀ کان ويجهو اهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻو درود پڙهيو هوندو.

(الاحسان بترتيب صحيح ابن حبان، ج. 2، ص. 133، حديث 908)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿6﴾ حضور نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اي

انسانو! بيشڪ توهان منجهان قيامت جي ڏهاڙي ان جي دهشتن ۽ حساب ڪتاب کان جلدي نجات ماڻڻ وارو اُهو شخص هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي ڪثرت سان درود پڙهيو هوندو. (فردوس الاخبار، ج. 2، ص. 471، حديث 8210)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

﴿7﴾ الله ڪريم جي آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو فرمان رحمت نشان آهي: ”مون تي ڪثرت سان درود پاڪ پڙهو بيشڪ توهان جو مون تي درود پاڪ پڙهڻ توهان جي گناهن جي لاءِ مغفرت آهي.“ (الجامع الصغير، ص. 78، حديث 1406)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## صحابہ ڪرام عَلَيْهِمُ الرِّضْوَان جا 5 ارشادات

﴿1﴾ فرمانِ صديق اڪبر رَضِىَ اللهُ عَنْهُ آهي تہ نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ پڙهڻ گناهن کي ايتري قدر جلد مٽائيندو آهي جو پاڻي بہ باهہ کي ايترو جلدي ناهي مٽائيندو ۽ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلڻ غلامن کي آزاد ڪرڻ کان افضل آهي. (تاريخِ بغداد جلد7 ص 172)

﴿2﴾ فرمانِ عائشہ صديقہ رَضِىَ اللهُ عَنْهَا آهي تہ توهان پنهنجي مجلسن کي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پڙهي آراستہ ڪيو. (تاريخِ بغداد، جلد7 ص 216)

﴿3﴾ فرمانِ سيّدنا فارقِ اعظم رَضِىَ اللهُ عَنْهُ آهي: بيشڪ دعا زمين ۽ آسمان جي درميان رڪيل هوندي آهي ۽ ان کان ڪا شيءِ مٿي ناهي

ويندي جيستائين توهان پنهنجي نبي اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي درود پاڪ نہ پڙهي وٺو. (ترمذي شريف، جلد2 ص28، حديث:486)

﴿4﴾ فرمانِ سيّدنا موليٰ علي مشڪل ڪشرَضِيَ اللهُ عَنْهُ آهي: هر شخص جي دعا پردي ۾ هوندي آهي ايستائين جو محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ۽ آل محمد تي درودِ پاڪ پڙهي. (معجم اوسط، جلد1 ص211 حديث:271)

﴿5﴾ فرمانِ سيّدنا عبدالله بن عمرو بن عاصرَضِيَ اللهُ عَنْهُمَا آهي: جيڪو نبي ڪريم، رؤف رّحيم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي هڪ ڀيرو درود پاڪ پڙهندو ان تي الله ڪريم ۽ ان جا ملائڪ 70 ڀيرا رحمت موڪليندا.

(مسند امام احمد، ج2، ص614، حديث:6766)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدَ الْمُرْسَلِيْن جي 30 حروفن جي نسبت سان درود شريف جا 30 مدني گل

﴿1﴾ الله تعاليٰ جي حڪم جي تعميل ٿيندي آهي.

﴿2﴾ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهڻ واري تي ڏهہ رحمتون نازل ٿينديون آهن .

﴿3﴾ ان جا ڏهہ درجا بلند ٿيندا آهن.

﴿4﴾ ان جي لاءِ ڏهہ نيڪيون لکيون وينديون آهن.

﴿5﴾ ان جا ڏهہ گناهہ مِٽايا ويندا آهن.

﴿6﴾ دعا کان اڳ درود شريف پڙهڻ دعا جي قبوليت جو سبب آهي.

﴿7﴾ درود شريف پڙهڻ نبيءِ رحمت صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جي شفاعت جو سبب آهي.

﴿8﴾ درود شريف پڙهڻ گناهن جي بخشش جوسبب آهي.

﴿9﴾ درود شريف جي ذريعي الله تعاليٰ ٻانهي جي غمن کي ختم ڪندو آهي.

﴿10﴾ درود شريف پڙهڻ جي سبب ٻانهو قيامت جي ڏينهن رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن جو قرب حاصل ڪندو.

﴿11﴾ درود شريف تنگدست لاءِ صدقي جي قائم مقام آهي.

﴿12﴾ درود شريف حاجتون قبولجڻ جو ذريعو آهي.

﴿13﴾ درود شريف الله پاڪ جي رحمت ۽ فرشتن جي دعا جو ڪارڻ آهي.

﴿14﴾ درود شريف پنهنجي پڙهڻ واري جي لاءِ پاڪيزگي ۽ سُترائيءَ جو ڪارڻ آهي.

﴿15﴾ درود شريف پڙهڻ سان ٻانهي کي مرڻ کان پهريان جنّت جي خوشخبري ملي ويندي آهي.

﴿16﴾ درود شريف پڙهڻ قيامت جي خطرن کان نجات جو سبب آهي.

﴿17﴾ درود شريف پڙهڻ سان ٻانهي کي وسريل ڳالھ ياد اچي ويندي آهي.

﴿18﴾ درود شريف مجلس جي پاڪيزگي جو ڪارڻ آهي ۽ قيامت جي ڏينهن اها مجلس پشيمانيءَ جو سبب ڪونہ ٿيندي.

﴿19﴾ درود شريف پڙهڻ سان تنگدستي ختم ٿيندي آهي.

﴿20﴾ اهو عمل ٻانهي کي جنّت جي رستي تي هلائيندو آهي.

﴿21﴾ درود شريف پلصراط تي ٻانهي جي روشني ۾ واڌاري جو ڪارڻ آهي.

﴿22﴾ درود شريف جي ذريعي ٻانهو ظلم ۽ جفا کان نڪري ويندو آهي.

﴿23﴾ درود شريف پڙهڻ سبب ٻانهو آسمان ۽ زمين ۾ تعريف لائق ٿي ويندو آهي.

﴿24﴾ درود شريف پڙهڻ واري کي انهيءَ عمل جي ڪري سندس ذات، عمل، عمر ۽ بهتري جي سببن ۾ برڪت حاصل ٿيندي آهي.

﴿25﴾ درود شريف رب تعالي جي رحمت ماڱڻ جو ذريعو آهي.

﴿26﴾ درود شريف محبوب رب العزت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان دائمي محبت ۽ ان ۾ واڌاري جو ڪارڻ آهي ۽ اها (محبت) ايمان منجهان آهي جنهن کان بغير ايمان مڪمل ناهي ٿيندو.

﴿27﴾ درود شريف پڙهڻ واري سان نبي پاڪ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم محبت فرمائيندا آهن.

﴿28﴾ درود شريف پڙهڻ، ٻانهي جي هدايت ۽ سندس زنده دلي جو ڪارڻ آهي ڇو ته جڏهن هو پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن تي ڪثرت سان درود شريف پڙهندو آهي ۽ پاڻ ڪريمن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ذڪر ڪندو آهي ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي محبت سندس دل تي غالب ٿي ويندي آهي.

﴿29﴾ درود شريف پڙهڻ واري لاءِ هيءُ اعزاز به آهي جو سلطان اَنام صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهِ بيڪس پناهه ۾ ان جو نالو پيش ڪيو ويندو آهي ۽ سندس ذڪر ٿيندو آهي.

﴿30﴾ درود شريف پل صراط تي ثابت قدمي ۽ سلامتيءَ سان گذرڻ جو ڪارڻ آهي. (جلاءُ الافهام، ص. 246 - 253)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سرڪار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ديدار جي طلبگار لاءِ تحفو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ مُحَمَّدٍ فِى الْاَرْوَاحِ
وَعَلٰى جَسَدِهٖ فِى الْاَجْسَادِ وَعَلٰى قَبْرِهٖ فِى الْقُبُوْرِ

نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان شفاعت نشان آهي: جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي انکي خواب ۾ منهنجي زيارت ٿيندي ۽ جنهن خواب ۾ مونکي ڏٺو اهو قيامت جي ڏينهن به ڏسندو ۽ جيڪو مونکي قيامت جي ڏينهن ڏسي وٺندو مان ان جي شفاعت ڪندس ۽ مان جنهن جي شفاعت ڪندس اهو حوضِ ڪوثر مان پاڻي پيئندو ۽ سندس جسم کي الله پاڪ دوزخ تي حرام ڪري ڇڏيندو. (ڪشف الغمه عن جميع الامة، ج. 1، ص. 325)

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## بخشش ۽ مغفرت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كُلَّمَا ذَكَرَهُ الذَّاكِرُوْنَ
وَصَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كُلَّمَا غَفَلَ عَنْ ذِكْرِهِ الْغَافِلُوْنَ

ڪنهن شخص حضرت سيدنا امام شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي وفات کانپوءِ

خواب ۾ ڏٺو ۽ حال پڇيو تہ پاڻ فرمايائون: الله ڪريم هن درود پاڪ جي برڪت سان منهنجي بخشش فرمائي ڇڏي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 81)

## مال ۾ خير ۽ برڪت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ عَبْدِکَ وَرَسُوْلِکَ

وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنَاتِ وَالْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمَاتِ

صاحبِ روح البيان فرمائن ٿا: جيڪو شخص هن درود پاڪ کي پڙهندو ان جي دولت ۽ مال وڌندو رهندو. (تفسير روح البيان الاحزاب، ج. 7، ص. 233)

## حافظي جي قُوت مضبوط ٿئي

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِکْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

وَّعَلٰى اٰلِهٖ کَمَا لَانِهَايَةَ لِکَمَالِکَ وَعَدَدَ کَمَالِهٖ

جيڪڏهن ڪنهن شخص کي نسيان (**يعني ويسر**) جي بيماري هجي تہ هو مغرب ۽ عشاء جي وچ ۾ هن درود پاڪ کي ڪثرت سان پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه سندس حافظو مضبوط ٿي ويندو. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 191-192)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## دين ۽ دنيا جون نعمتون حاصل ڪريو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ

وَّعَلٰی اٰلِهٖ عَدَدَ اِنْعَامِ اللّٰهِ وَاِفْضَالِهٖ

هن درودِ پاڪ کي پڙهڻ سان دين ۽ دنيا جون بيشمار نعمتون حاصل ٿينديون. (افضل الصّلوات علٰي سيد السادات ص 151)

## دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بِعَدَدِ مَا فِیْ جَمِیْعِ الْقُرْاٰنِ حَرْفًا حَرْفًا وَّ بِعَدَدِ كُلِّ حَرْفٍ اَلْفًا اَلْفًا

قرآن ڪريم جي تلاوت ڪانپوءِ جيڪو شخص هن درود پاڪ کي پڙهندو اهو دنيا ۽ آخرت ۾ ڪامياب رهندو. (تفسير روح البيان، ج. 7، ص. 234)

## ٻارهن هزار درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ

صَلٰوةً اَنْتَ لَهَا اَهْلٌ وَّ هُوَ لَهَا اَهْلٌ

حضرت سيدنا حافظ جلال الدين السيوطي الشافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جن فرمايو: هن درود پاڪ کي هڪ ڀيرو پڙهڻ ٻارهن هزار درود پاڪ

پڙهڻ جي برابر آهي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 153)

## چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

وَّعَلٰى اٰلِهٖ عَدَدَ كَمَالِ اللّٰهِ وَكَمَا يَلِيْقُ بِكَمَالِهٖ

هن درود پاڪ کي صرف هڪ ڀيرو پڙهڻ سان چوڏهن هزار درود پاڪ جو ثواب ملندو آهي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 150)

## هڪ لک درود پاڪ جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ النُّوْرِ

الذَّاتِيِّ وَالسِّرِّ السَّارِيْ فِيْ سَائِرِ الْاَسْمَآءِ وَالصِّفَاتِ

هن درود پاڪ کي هڪ ڀيرو پڙهيو وڃي ته هڪ لک درود شريف پڙهڻ جو ثواب ملندو آهي. ۽ جيڪڏهن ڪنهن جو ڪو ڪم اٽڪيل هجي ته هي درود پاڪ پنج سؤ ڀيرا پڙهي اِنْ شَآءَاللّٰه! اهو مراد پوري ٿيندي. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 113)

## هر قسم جي پريشانيءَ کان نجات لاءِ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ قَدْ

ضَاقَتْ حِيْلَتِيْ اَدْرِكْنِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ

حضرت سيدنا ابن عابدين رَحۡمَۃُاللّٰہِ عَلَیۡہ فرمائن ٿا ته مون هن درود کي

هڪ عظيم فتني ۾ پڙهيو جيڪو دمشق ۾ ڦهليو، هن ڪي مون اجا ٻه سؤ پيرا ٻه ڪونہ پڙهيو هو تہ مونکي هڪ شخص اچي اطلاع ڏنو تہ فتنو ختم ٿي ويو. (افضل الصلوات علي سيد السادات، ص. 154)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## آبِ ڪوثر سان ڀريل پيالو

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ وَاَوْلَادِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيّٰتِهٖ وَاَهْلِ بَيْتِهٖ وَاَصْهَارِهٖ وَاَنْصَارِهٖ وَاَشْيَاعِهٖ وَمُحِبِّيْهِ وَاُمَّتِهٖ وَعَلَيْنَا مَعَهُمْ اَجْمَعِيْنَ يَآ اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ

حضرت سيدنا حسن بصري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا تہ جيڪو شخص حوضِ ڪوثر منجهان ڀريل پيالو پيئڻ چاهي اُهو هن درود پاڪ کي پڙهي. (القول البديع، ص. 122)

## ”رسولِ رحمت“ جي اٺ اکرن جي نسبت سان درود تاج جا 8 مدني گل

﴿1﴾ جيڪو شخص عروجِ ماھ (**يعني چنڊ جي پهرين ٽان چوڏهين تائين**) جمعي جي رات عشاء جي نماز کانپوءِ باوضو پاڪ ڪپڙا پهري خوشبو لڳائي هڪ سؤ ستر پيرا هن درود پاڪ کي پڙهي ڪري سمهي پوي، ٻارهن راتيون لڳاتار اهڙيءَ ريت ڪري اِنْ شَآءَ اللّٰه حضور ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت سان مشرف ٿيندو.

﴿2﴾ جادو ٽوڻي، جن ۽ شيطان کي ڀڄائڻ لاءِ ”ماتا جي بيماري“ جي لاءِ 11 ڀيرا پڙهي ڪري دم ڪريو اِنْ شَآءَاللّٰه فائدو ٿيندو.

﴿3﴾ قلب جي صفائي جي لاءِ هر روز صبح (فجر) جي نماز کانپوءِ سٺ 60 ڀيرا ۽ ٽيپهريءَ (عصر) جي نماز کانپوءِ 3 ڀيرا ۽ سومهڻي (عشاءَ) جي نماز کانپوءِ 3 ڀيرا ورد رکجي.

﴿4﴾ دشمنن، ظالمن، حاسدن ۽ حاڪمن جي شر کان محفوظ رهڻ لاءِ ۽ غم ۽ غربت دور ٿيڻ لاءِ چاليهه راتيون لڳاتار سومهڻيءَ جي نماز کانپوءِ 41 ڀيرا پڙهجي.

﴿5﴾ روزيءَ ۾ برڪت لاءِ ست ڀيرا فجر جي نماز کانپوءِ سدائين ورد رکجي

﴿6﴾ عقيمه (**سنڍ عورت**) جي لاءِ 21 ڇوهارن تي ست ست ڀيرا دم ڪري هڪ ڇوهارو روز کارائي ۽ ماهواريءَ جا ڏينهن گذرڻ کانپوءِ همبستري ڪجي، الله پاڪ جي فضل سان نيڪ ٻار پيدا ٿيندو.

﴿7﴾ جيڪڏهن حامله (پيٽ واري عورت) کي تڪليف هجي ته ڪيس ست ڏينهن لڳاتار ست ڀيرا پاڻيءَ تي دم ڪري پيارجي.

﴿8﴾ (جائز محبت مثال طور زال ۽ مڙس جي محبت) ۽ هر مقصد لاءِ اڌ رات کانپوءِ باوضو چاليهه ڀيرا صدق ۽ يقين (سچائيءَ ۽ ڀروسي) سان پڙهجي، اِنْ شَآءَاللّٰه دلي مراد پوري ٿيندي. (اعمال رضا ص 22 )

## درود تـــــاج

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ صَاحِبِ التَّاجِ وَالْمِعْرَاجِ وَالْبُرَاقِ وَالْعَلَمِ دَافِعِ الْبَلَآءِ وَالْوَبَآءِ وَالْقَحْطِ وَالْمَرَضِ وَالْاَلَمِ اِسْمُهٗ مَكْتُوبٌ مَّرْفُوعٌ مَّشْفُوْعٌ مَّنْقُوْشٌ فِى اللَّوْحِ وَالْقَلَمِ سَيِّدِ الْعَرَبِ وَالْعَجَمِ جِسْمُهٗ مُقَدَّسٌ مُّعَطَّرٌ مُّطَهَّرٌ مُّنَوَّرٌ فِى الْبَيْتِ وَالْحَرَمِ شَمْسِ الضُّحٰى بَدْرِ الدُّجٰى صَدْرِ الْعُلٰى نُورِ الْهُدٰى كَهْفِ الْوَرٰى مِصْبَاحِ الظُّلَمِ جَمِيْلِ الشِّيَمِ شَفِيْعِ الْاُمَمِ صَاحِبِ الْجُوْدِ وَالْكَرَمِ وَاللّٰهُ عَاصِمُهٗ وَجِبْرِيْلُ خَادِمُهٗ وَالْبُرَاقُ مَرْكَبُهٗ وَالْمِعْرَاجُ سَفَرُهٗ وَسِدْرَةُ الْمُنْتَهٰى مَقَامُهٗ وَقَابَ قَوْسَيْنِ مَطْلُوْبُهٗ وَالْمَطْلُوْبُ مَقْصُوْدُهٗ وَالْمَقْصُوْدُ مَوْجُوْدُهٗ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ شَفِيْعِ الْمُذْنِبِيْنَ اَنِيْسِ الْغَرِيْبِيْنَ رَحْمَةٍ لِّلْعَالَمِيْنَ رَاحَةِ الْعَاشِقِيْنَ مُرَادِ الْمُشْتَاقِيْنَ شَمْسِ الْعَارِفِيْنَ سِرَاجِ السَّالِكِيْنَ مِصْبَاحِ الْمُقَرَّبِيْنَ مُحِبِّ الْفُقَرَآءِ وَالْغُرَبَآءِ وَالْمَسَاكِيْنِ سَيِّدِ الثَّقَلَيْنِ نَبِيِّ الْحَرَمَيْنِ اِمَامِ الْقِبْلَتَيْنِ وَسِيْلَتِنَا فِى الدَّارَيْنِ صَاحِبِ قَابَ قَوْسَيْنِ مَحْبُوْبِ رَبِّ الْمَشْرِقَيْنِ وَالْمَغْرِبَيْنِ جَدِّ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ مَوْلَانَا وَمَوْلَى الثَّقَلَيْنِ اَبِى الْقَاسِمِ مُحَمَّدِ ابْنِ عَبْدِاللّٰهِ نُوْرٍ مِّنْ نُوْرِ اللّٰهِ يٰۤاَيُّهَا الْمُشْتَاقُوْنَ بِنُوْرِ جَمَالِهٖ صَلُّوْا عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلِّمُوْا تَسْلِيْمًا

**تـــرجـــمـــو:** اي الله! رحمت فرماءِ اسان جي سردار ۽ اسان جي آقا محمّد صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم، تاج ۽ معراج واري، بُراق ۽ بلنديءَ واري تي،

آفتن ۽ وبا (يعني ڦهلندڙ بيماري) ڏڪار ۽ مرض، ڏک ۽ مصيبت ڪي ٽارڻ واري تي، جن جو نالو مبارڪ لکيل آهي بلند آهي ۽ الله ڪريم جي نالي سان مليل آهي، لوح محفوظ ۽ قلم سان رنگيل آهي، عرب ۽ عجم جا سردار، جن جو جسم مبارڪ هر عيب کان پاڪ، خوشبودار، انتهائي پاڪيزه، نورُ علي نور ، پنهنجي گهر ۽ حرم ۾ (انهن سڀني حالتن سان اڄ بہ موجود آهن) صبح جا روشن ۽ خُوشنما سج، چوڏهين رات جا چنڊ، بلنديءَ جا سرچشما هدايت جا نور، مخلوق جي پناهہ گاهہ، اونداهين جا ڏيئا، بهترين اخلاق ۽ عادتن وارا، امتن جي شفاعت ڪرڻ وارا، سخاوت ۽ ڪرم جي واليءَ تي درود سلام ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سندن محافظ آهي جبرائيل امين سندن خادم آهن ۽ براق سواري اٿن، معراج سندن سفر آهي ۽ سدرة المنتهيٰ سندن مقام آهي ۽ قاب وقوسين (يعني ڪمال قرب الاهي) سندن مطلوب آهي ۽ سندن مطلوب يعني ڪمال قرب الاهي عَزَّوَجَلَّ اهو ئي مقصود اٿن ۽ مقصود حاصل ٿي چڪو اٿن. تمام رسولن جا سردار، تمام نبين کان بعد ۾ اچڻ وارا، گنهگارن جي شفاعت ڪرڻ وارا، مسافرن ۽ پرديسين جا غمگسار، سڀني جهانن تي رحم فرمائڻ وارا، عاشقن جي راحت، مشتاقن جي مراد، سڀني عارفن جا سج، سالڪن جا چراغ، مقربين جي شمع، فقيرن، پرديسين ۽ مسڪينن سان محبت ۽ الفت رکڻ وارا، جنّن ۽ انسانن جا سردار، مڪي ۽ مديني جي حرم جا نبي، بيت المقدس ۽ خانہ ڪعبہ ٻنهي قبلن جا امام، دنيا ۽ آخرت ۾ اسان جا وسيلا، قاب قوسين جي نويد وارا،

مَشرِقن ۽ مَغرِبَن جي رب جا حبيب، امام حسن ۽ امام حسين جا نانا، اسان جا آقا، سمورن جِنّن ۽ انسانن جا وارث يعني ابوالقاسم محمد بن عبدالله، الله پاڪ جي نور منجهان عظمت ۽ رفعت واري نور تي درود ۽ سلام، سندن حسن جي نور جا عاشقو! خوب درود ۽ سلام موڪليو سندن ذاتِ والا صفات تي ۽ سندن آل ۽ اصحاب تي.

## درود تُنَجّينا جي بابت ايمان افروز حڪايت

علامه ابن فاڪهاني رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ”اَلۡفَجۡرُالۡمُنِيۡر“ ۾ هن درود شريف جي بابت هڪ واقعو بيان ڪندي فرمائن ٿا ته پارسا شيخ موسيٰ ضرير رَحۡمَةُاللهِ عَلَيۡه مون سان بيان ڪيو ته هو ٻيڙيءَ وسيلي سامونڊي سفر تي روانا ٿيا رستي ۾ تيز طوفان اچي پهتو جنهن کي اِقلابيه (اُٿل پٿل ڪرڻ وارو) چوندا آهن. تمام ٿورا ماڻهو آهن جيڪي هن سامونڊي طوفان ۾ ڦاسي ٻڏڻ کان بچندا آهن، ماڻهو ٻُڏڻ جي خوف کان رڙيون ۽ ڪوڪون ڪرڻ لڳا، مونکي ننڊ اچي وئي، خواب ۾ نبيءِ اڪرم، نورِ مجسم، شاهِ بني آدم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي زيارت نصيب ٿي، پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ٻيڙيءَ وارن کي چئو ته هڪ هزار ڀيرا هي درود شريف: اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلَاةً تُنَجِّيْنَا بِهَا کان وٺي بَعْدَ الْمَمَاتِ تائين پڙهن. مان سجاڳ ٿيس ۽ ٻيڙيءَ وارن کي خواب بيان ڪيم. اسان ڳڏجي ٽي سؤ ڀيرائي مس پڙهيو سين ته الله تعاليٰ طوفان کان نجات عطا فرمائي ڇڏي. (مطالع المسرات، ص. 471)

شيخ مجد الدين فيروز آبادي رَحۡمَةُاللّٰهِعَلَيۡه ”صاحبِ قاموس“ جن، شيخ

حسن بن علي اَسواني رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ جي حوالي سان بيان ڪيو تہ جيڪو شخص هي درود پاڪ ”درود تُنَجّينا“ ڪنهن بہ مشڪل، آفت يا مصيبت ۾ هڪ هزار ڀيرا پڙهي الله تعاليٰ انهيءَ مشڪل کي آسان فرمائي ڇڏيندو ۽ سندس مقصد پورو فرمائيندو. (مطالع المسرات، ص. 471)

## درود تنجينا

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ صَلٰوۃً تُنَجِّیْنَا بِھَا مِنْ جَمِیْعِ الْاَحْوَالِ وَالْاٰفَاتِ وَتَقْضِیْ لَنَا بِھَا جَمِیْعَ الْحَاجَاتِ وَتُطَھِّرُنَا بِھَا مِنْ جَمِیْعِ السَّیِّئَاتِ وَتَرْفَعُنَا بِھَا عِنْدَکَ اَعْلَی الدَّرَجَاتِ وَتُبَلِّغُنَا بِھَا اَقْصَی الْغَایَاتِ مِنْ جَمِیْعِ الْخَیْرَاتِ فِی الْحَیَاۃِ وَبَعْدَ الْمَمَاتِ اِنَّکَ عَلٰی کُلِّ شَیْءٍ قَدِیْرٌ

ترجمو: ”اي الله! سَيِّدُنا حضرت محمّد مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي اهڙي رحمت نازل فرماءِ جو تون انهن جي سبب اسان کي سڀني خوفن ۽ آفتن کان نجات ڏي ۽ انهن جي سبب تون اسان جي سڀني حاجتن کي پورو فرماءِ ۽ انهن جي بدولت تون اسان کي تمام گناهن کان پاڪ فرماءِ ۽ انهن جي ذريعي تون اسان کي بلند درجات تي فائز فرماءِ ۽ انهن جي برڪت سان تون اسان کي سمورين نيڪين جي آخري انتها تائين پهچاءِ، زندگيءَ ۾ ۽ موت کانپوءِ ۽ بيشڪ تون هر شيءِ تي قادر آهين.“

## مرضن کان شفا

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ طِبِّ الْقُلُوْبِ وَدَوَآئِھَا وَعَافِیَۃِ الْاَبْدَانِ وَشِفَآئِھَا وَنُوْرِ الْاَبْصَارِ وَضِیَآئِھَا وَعَلٰی اٰلِہٖ وَاَصْحَابِہٖ وَبَارِکْ وَسَلِّمْ

باوضو مريض کي لکي ڪري ڏيو جو زبان سان چٽي يا پاڻيءَ ۾

ملائي پياريوس. شفا ملڻ تائين اهو عمل مسلسل ڪندا رهو بِاِذن الله عَزَّوَجَلَّ موت ڪانسواءِ هر مرض لاءِ فائديمند آهي.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## درود ماهي جي بابت مڇيءَ جي حڪايت

هڪ بزرگ رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ درياءَ جي ڪناري تي وضو ڪري رهيو هو تہ هڪ مڇي آئي ۽ هي درود پاڪ پڙهيائين، تنهن تي انهن پڇيس تہ اهو ڪنهن کان سکيو اٿئي؟ ان مڇيءَ وراڻيو تہ هڪ ڀيري درياء جي ڪناري تي مون هڪ فرشتي کي پڙهندي ٻُڌو ۽ ياد ڪري ورتم انهيءَ ڏينهن کان هر آفت ۽ بلا کان محفوظ آهيان. (اعمال رضا، ص. 138)

## درود ماهي

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ خَیْرِ الْخَلَآئِقِ وَاَفْضَلِ الْبَشَرِ وَشَفِیْعِ الْاُمَمِ یَوْمَ الْحَشْرِ وَالنَّشْرِ وَصَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ بِعَدَدِکُلِّ مَعْلُوْمٍ لَّکَ وَصَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِ مُحَمَّدٍ وَّبَارِکْ وَسَلِّمْ وَصَلِّ عَلٰی جَمِیْعِ الْاَنْبِیَآءِ وَالْمُرْسَلِیْنَ وَصَلِّ عَلٰی کُلِّ الْمَلٰٓئِکَۃِ الْمُقَرَّبِیْنَ وَعَلٰی عِبَادِ اللّٰہِ الصّٰلِحِیْنَ وَسَلِّمْ تَسْلِیْمًا کَثِیْرًا کَثِیْرًا بِرَحْمَتِکَ وَبِفَضْلِکَ وَبِکَرَمِکَ یَا اَکْرَمَ الْاَکْرَمِیْنَ بِرَحْمَتِکَ یَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِیْنَ یَا قَدِیْمُ یَا دَآئِمُ یَا حَیُّ یَا قَیُّوْمُ یَا وَتْرُ یَا اَحَدُ یَا صَمَدُ یَا مَنْ لَّمْ یَلِدْ وَلَمْ یُوْلَدْ وَلَمْ یَکُنْ لَّہٗ کُفُوًا اَحَدٌ بِرَحْمَتِکَ یَا اَرْحَمَ الرّٰحِمِیْنَ

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

